# سنڌ آرڊيننس نمبر XLVII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLVII OF 2002
# اسٽيمپ (پنجين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE STAMP (FIFTH SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLVII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLVII OF 2002
## اسٽيمپ (پنجين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE STAMP (FIFTH SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[23 نومبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اسٽيمپ (پنجين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي شيڊول جي آرٽيڪل 19 ۾، شق (i) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| “(i) جتي رقم 0.5 ملين کان وڌيڪ نہ هجي. | 0.2 سيڪڙو (ماليت مطابق) |
| (i_a) جتي رقم 1.00 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي.”. | هڪ هزار رپيا |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**